مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ 9 آڪٽوبر 2026ء (متوقع اسلامي تاريخ: 27 ربيع الآخر 1448ھ) جمعة المبارک جو

قرآني بيان

بنام

توبھ توھان جي لاءِ بھتر آھي (سيپارو: 1، سورۂ بقرة: 54)

ھن بيان ۾ توھان ڇاڻي سگھندؤ...

- ... مٿي سون بڌجي وئي...!! (واقعو)
- ... توبہ ۾ تاخير جي وجھ
- ... توبہ عبادت آھي
- ... ڇا عزت ٻيھر ناھي ملندي...؟

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۙ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت ڪئي)

درودِ پاڪ جي فضيلت

اربعينِ عطار، قسط: 2، صفحو: 5، حديثِ پاڪ نمبر: 5 آهي:

اِجْعَلُوْنِيْ فِيْ وَسْطِ الدُّعَآءِ وَفِيْ اَوَّلِهٖ وَفِيْ آخِرِهٖ

ترجمو: مون کي دعا جي وچ، شروع ۽ آخر ۾ رکو. [1]

شرح: يعني توهان پنهنجي دعا جي شروعات، وچ ۽ آخر ۾ مون تي درودِ پاڪ پڑهو.

بالیقیں سب سے افضل و اعلیٰ ذکرِ شاہِ اُمَم درود و سلام
وہ دُعا مُستجاب ہوتی ہے جس میں ہوتا ہے ضَم درود و سلام
طاعتیں سب اُسی سے ہیں مَقبُول طاعتوں میں اَتَم درود و سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِي الْقُرْاٰنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

وَاِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ يٰقَوْمِ اِنَّكُمْ ظَلَمْتُمْ اَنْفُسَكُمْ بِاتِّخَاذِكُمُ الْعِجْلَ فَتُوْبُوْٓا اِلٰى بَارِئِكُمْ فَاقْتُلُوْٓا اَنْفُسَكُمْ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ عِنْدَ بَارِئِكُمْ ؕ

1...مصنف عبدالرزاق، كتاب الصلاة، باب الصلاة على النبي، جلد:2، صفحه:141، حديث:3122۔

فَتَابَ عَلَيْكُمْ ؕ اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿۵۴﴾

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَ صَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

ترجموكنزُالعرفان: ۽ ياد كريو جڏهن موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو: اي منهنجي قوم توهان گابي (کي معبود) بڻائي پنهنجي جانين تي ظلم كيو تنهنكري (هاڻي) پنهنجي پيدا كرڻ واري جي بارگاهه ۾ توبہ كريو (هن طرح) جو توهان پنهنجي ماڻهن کي قتل كريو. اهو توهان جي پيدا كرڻ واري وٽ توهان جي لاءِ بهتر آهي پوءِ ان توهان جي توبہ قبول كئي بيشك اهو ئي گهڻو توبہ قبول كرڻ وارو مهربان آهي. (سيپارو:1، البقرة: 54)

پيارا اسلامي پائرو! اسان بڏو هو تہ الله پاك حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي كوهِ طُور تي گهرايو، كين تورات شريف عطا فرمايائين، ان دوران پٹيان بني اسرائيل هك گابو بڻائي ورتو ۽ ان جي پوڄا ۾ مشغول ٿي ويا. هاڻي جڏهن بني اسرائيل هي تمام وڏو گناهه كيو تہ متن كرم نوازي اها ٿي جو انهن تي عذاب نہ لٹو بلك توبہ جي توفيق بخشي وئي. انهن جي اها توبہ كيئن قبول ٿي؟ ان توبہ جا تقاضا كهڙي طرح پورا كيا ويا؟ ان ڳالهہ جو بيان هن آيتِ كريمہ ۾ آهي، جيكو اڄ اسان جو موضوع آهي. هي سورت بقره جي آيت نمبر 54 آهي، اڄ اسان اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم!هن آيتِ كريمہ جي وضاحت ۽ ان مان ملندڙ سبق سكڻ جي سعادت حاصل كنداسين.

آيتِ كريمہ جي مختصر وضاحت

الله پاك ارشاد فرمايو:

وَاِذْ

ترجموكنزُالعرفان: ۽ ياد كريو جڏهن. (سيپارو:1، البقرة: 54)

يعني اي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان اهو واقعو ياد كريو! ۽

پنهنجي دور جي بني اسرائيل کي ياد ڏياريو! ڪهڙو واقعو؟

قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهٖ

ترجموكنزُالعرفان: موسيٰ پنهنجي قوم کي چيو: (سيپارو:1، البقرة: 54)

يعني اهو واقعو جڏهن حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي قوم کي فرمايو. هن جاءِ تي قوم مان مراد بني اسرائيل جا اهي ماڻهو آهن جن گابي جي پوڄا ڪئي هئي، جيڪي ان شرڪ کان محفوظ رهيا، اهي مراد ناهن.[1] حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کين چا فرمايو؟

يٰقَوْمِ اِنَّكُمْ ظَلَمْتُمْ اَنْفُسَكُمْ بِاتِّخَاذِكُمُ الْعِجْلَ فَتُوْبُوْۤا اِلٰى بَارِىِٕكُمْ فَاقْتُلُوْۤا اَنْفُسَكُمْ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ عِنْدَ بَارِىِٕكُمْ ؕ فَتَابَ عَلَيْكُمْ ؕ اِنَّهٗ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيْمُ ﴿۵۴﴾

ترجموكنزُالعرفان: اي منهنجي قوم توهان گابي (کي معبود) بڻائي پنهنجي جانين تي ظلم ڪيو تنهنڪري (هاڻي) پنهنجي پيدا ڪرڻ واري جي بارگاهہ ۾ توبہ ڪريو (هن طرح) جو توهان پنهنجي ماڻهن کي قتل ڪريو. اهو توهان جي پيدا ڪرڻ واري وٽ توهان جي لاءِ بهتر آهي پوءِ ان توهان جي توبہ قبول ڪئي بيشڪ اهو ئي گهڻو توبہ قبول ڪرڻ وارو مهربان آهي. (سيپارو: 1، البقرة: 54)

يعني اي منهنجي قوم! توهان گابي جي پوڄا ڪري تمام وڏو شرڪ ڪيو آهي، هاڻي توهان پنهنجي هن گناهہ کان توبہ ڪريو! هن توبہ جو طريقو اهو هوندو تہ جن ماڻهن گابي جي پوڄا نہ ڪئي هئي، اهي گابي جي پوڄا ڪرڻ وارن کي قتل ڪندا، هي قتل ٿيڻ توهان جي بخشش جو ذريعو بڻجندو ۽ ان جي نتيجي ۾ توهان آخرت جي عذاب کان بچي ويندؤ. اي منهنجي قوم! هي

1...تفسير طبری، پاره:1، سورۂ بقرة، زير آيت:54، جلد:1، صفحہ:326، حديث:938 خلاصۃً۔

ڪم ڪري ونو! اهو الله پاڪ وٽ توهان لاءِ بهتر آهي، ان جي برڪت سان الله پاڪ توهان جي توبہ قبول فرمائيندو، بيشڪ الله پاڪ بخشڻ وارو، مهربان آهي.

روايتن ۾ اچي ٿو تہ بني اسرائيل حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي اها ڳالهہ مڃي ورتي، اهڙيءَ طرح صبح کان شام تائين 70 هزار اسرائيلي قتل ڪيا ويا. تڏهن حضرت موسيٰ ۽ حضرت هارون عَلَيْهِمَا السَّلَام باڌائيندي بارگاهِ حق ۾ انهن جي معافي جي التجا ڪئي. ان تي وحي نازل ٿي تہ جيڪي قتل ٿي ويا اهي شهيد آهن ۽ باقي بخشيا ويا، قاتل ۽ مقتول سڀ جنتي آهن.

آيتِ ڪريمہ مان ملندڙ سبق

پيارا اسلامي پائرو! هن آيتِ ڪريمہ مان اسان کي ڪجهہ سبق سکڻ لاءِ مليا.

(1): توبہ توهان لاءِ بهتر آهي

هن آيت ۾ ارشاد ٿيو:

ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ عِنْدَ بَارِئِكُمْ ؕ

ترجموڪنزُالعرفان: اهو توهان جي پيدا ڪرڻ واري وٽ توهان جي لاءِ بهتر آهي. (سيپارو:1، البقرة: 54)

معلوم ٿيو تہ گناهہ ڇڏڻ ۽ الله پاڪ جي حضور ۾ توبہ ڪرڻ اسان جي حق ۾ بهتر آهي. ان جي برڪت سان دين ۽ دنيا جون بيشمار پلايون نصيب ٿيندیو ن آهن.

توبہ ڪرڻ وارو الله پاڪ جو محبوب آهي

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

اِنَّ اللّٰهَ یُحِبُّ التَّوَّابِیْنَ وَ یُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِیْنَ ﴿۲۲۲﴾

ترجموکنزُالعرفان: بيشڪ الله گھٽي توبہ ڪرڻ وارن سان محبت فرمائيندو آھي. (سيپارو: 2، البقرة: 222)

خبر پئي تہ جيڪو ٻانھو گھٽي توبہ ڪندو آھي، الله پاڪ ڪيس پنھنجو محبوب بڻائي ونندو آھي.

اللّٰہُ اکبر! ڏسو! اھو ڪيڏو نہ وڏو شان آھي! الله پاڪ جو محبوب يعني پيارو بڻجي وڃڻ کا معمولي ڳالھ يا نندڙو رتبو تہ ناھي! الله پاڪ سمورن جھانن جو پالينڌڙ، سيني جھانن جو خالق آھي، جيڪو ان مالکِ ڪريم جو پيارو ٿي وڃي، ان وٽ ٻلا ڪھڙي شيءِ جي ڪوٽ رھندي...؟ صوفياءِ ڪرام فرمائن ٿا: مَنْ لَهُ الْمَوْلٰى فَلَهُ الْكُلّ جيڪو الله پاڪ جو ٿي وڃي، سڀ ڪجھ ان جو ٿي ويندو آھي. (1)

خبر پئي تہ توبہ اھا عظيم نعمت آھي جو جيڪو ٻانھو توبہ ڪندو آھي، ان جي وسيلي ٻانھو الله پاڪ جو محبوب ٿي ويندو آھي ۽ جيڪو الله پاڪ جو محبوب ٿي وڃي، ان کي ھي رتبو ملندو آھي تہ سڀ ڪجھ ان جو ئي ٿي ويندو آھي، نہ ان کي دنيا ۽ کا ڪوٽ رھندي آھي ۽ نہ آخرت جو ڪو خطرو رھجي ويندو آھي.

مَت گُناہوں پہ ہو بھائی بے باک تُو
تھام لے دَامَنِ شاہِ لَولاک تُو

بُھول مَت یہ حقیقت کہ ہے خَاک تُو
سچّی تَوبہ سے ہو جائے گا پاک تُو (2)

1...سبع سنابل، سنبلۂ سوم در ترک و قناعت و توکل وتبتل، صفحہ:92۔
2...وسائل بخشش، صفحہ:656 ملتقطًا۔

مٽي سونُ بڻجي وئي...!!

حضرت فضيل بن عياض رَحْمَةُاللهِعَلَيْه توبہ ڪرڻ کان پھريان ڏاڙيل ھئا. جڏھن پاڻ توبہ ڪيائون تہ جن جا جاني يا مالي حق سندن تي ھئا، انھن سان معافي تلافي ڪيائون. ان ئي سلسلي ۾ ھڪ غير مسلم وٽ ب پنھنجو حق معاف ڪرائڻ لاءِ ويا. ھو چوڻ لڳو: اي فضيل! مون قسم کنيو ھو تہ جيستائين اوھان منھنجو مال واپس نہ ڪندؤ، مان اوھان کي معاف نہ ڪندس. اوھان ائين ڪيو! اندر ڪمري ۾ وجو، فلاڻي جاءِ تي پئسن جي ٿيلھي پيل آھي، اھا کڻي اچي مون کي ڏيو! اھڙيءَ طرح منھنجو قسم ب پورو ٿي ويندو، پوءِ مان اوھان کي معاف ڪري ڇڏيندس. حضرت فضيل رَحْمَةُاللهِعَلَيْه اندر ويا، پئسن جي ٿيلھي کنئي، ٻاھر اچي ان غير مسلم کي ڏنائون. ھن ٿيلھي کولي تہ ڏنائين ان ۾ سون پيل آھي! ھو ڏسندي ئي پڪارڻ لڳو: اي فضيل! ھاڻي مونکي ڪلمو پڙھائي مسلمان ڪريو! پاڻ پھريان ان کي ڪلمو پڙھايو، پوءِ پڇيو: توکي اوچتو مسلمان ٿيڻ جو خيال ڪيئن آيو؟ اھو غير مسلم چوڻ لڳو: مون پنھنجي مذھبي ڪتابن ۾ پڙھيو ھو تہ مسلمان جڏھن سچي توبہ ڪري ونندو آھي تہ اللہ پاڪ ڪيس اھو مقام عطا فرمائيندو آھي جو ھو مٽي کي ب ھٿ لائي تہ اھا سون بڻجي ويندي آھي. جڏھن مون کي اوھان جي توبہ جي خبر پئي تہ مون امتحان ورتو. ھيءَ ٿيلھي جيڪا اوھان کڻي آيا آھيو، ھن ۾ سون جا سڪا نہ پر مٽي ھئي، جيڪا اوھان جي ھٿ لڳڻ جي برڪت سان سون بڻجي وئي آھي. [1]

جو بھی دنیا سے آقا کا غم لے گیا | وہ تو بازی خدا کی قسم لے گیا
ساتھ میں مصطفٰے کا کرم لے گیا | خُلد کی وہ سند لاجَرَم لے گیا[2]

1 ...تذكرة الاولياء، ذكر فضيل بن عياض رَحمةُ اللهِ عَلَيْه، صفحه:79-80۔
2..وسائل بخشش، صفحه656۔

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي پائرو! اها آهي سچي توبہ جي برڪت...!! حقيقت ۾ متي جو سون بڻجي وڃڻ هي تہ هڪ حضرت فضيل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هڪ ڪرامت آهي. بهرحال! جيڪو سچي توبہ ڪندو آهي، الله پاڪ ڪيس دنيا ۽ آخرت ۾ وڏو مقام عطا فرمائيندو آهي.

ولايت جو بلند رتبو ملي ويو

بني اسرائيل جي هڪ شخص کان ڪو گناھ ٿي پيو. هو ڏاڍو شرمسار ٿيو ۽ بيقرار ٿي هيڏانهن هوڏانهن دوڙڻ لڳو تہ ڪنهن نموني ان جو گناھ معاف ٿي وڃي ۽ الله پاڪ ڪائنس راضي ٿي وڃي. الله پاڪ جي بارگاهِ رحمت ۾ سندس بيقراري ۽ شرمندگي قبول پئجي وئي ۽ الله پاڪ ڪيس ولايت جي اعليٰ ترين رتبي "صِدِّيْقِيَّت" سان نوازي ڇڏيو. (1)

توبہ ڪرڻ واري جووڏو مقام آهي

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اڳوٽين امت ۾ هڪ قصاب (قصائي) هو. هو پنهنجي پاڙيسريءَ جي ٻانهي (لونڊي) تي عاشق ٿي پيو. هڪ ڏينهن اها ٻانهي ڪنهن ڪم سان ٻئي ڳوٺ پئي وئي، قصائي موقعو ڏسي ان جو پيڇو ڪيو ۽ ڪجھ پري وڃي ان تائين پهچي ويو. ٻانهيءَ چيو: اي نوجوان! منهنجي دل ۾ تو ڏانهن مائل آهي پر مان پنهنجي ربِ ڪريم کان ڊڄان ٿي. جڏهن قصائي اها ڳالھ ٻڌي تہ چيائين: جڏهن تون الله پاڪ کان ڊڄين ٿي تہ پوءِ ڇا مان ان پاڪ ذات کان نہ ڊڄان؟ اهو چئي هن توبہ ڪئي ۽ اتان موٽي پيو. رستي ۾ اڇ سبب سندس ساھ ڳلي ۾ اچي ويو. اتفاق سان سندس ملاقات هڪ شخص سان ٿي، جيڪو ان دور جي نبي عَلَيْهِ السَّلَام جو قاصد هو. ان قاصد پڇيو: اي جوان! ڪهڙو

1...كتَابُ التوابين، توبة رجلين من بنى اسرائيل، صفحه:81 مفصلًا۔

حال آهي؟ قصائي چيو: اڄ سبب بيحال آهيان. قاصد چيو: اڄ اسان ٻئي ڏڻجي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دعا ڪريون تہ جيئن الله پاڪ ڪڪرن جي فرشتي کي موڪلي ۽ هو شهر پهچڻ تائين اسان مٿان پاڇو ڪري. نوجوان چيو: مون تہ الله پاڪ جي ڪا قابِل ذڪر عبادت بہ ناهي ڪئي، مان ڪيئن دعا گهران؟ اوهان دعا گهرو، مان آمين چوندس. ان شخص دعا گهري، ڪڪر جو هڪ ٽڪرو ٻنهي جي مٿان ڇانوَ ڪرڻ لڳو.

جڏهن ٻئي هلندي هلندي هڪٻئي کان ڏار ٿيا تہ اهو ڪڪر قصائي جي مٿان اچي ويو ۽ قاصد اُس ۾ رهجي ويو. قاصد چيو: اي جوان! تو تہ چيو هو تہ تو الله پاڪ جي ڪا بہ عبادت ناهي ڪئي، پوءِ هي ڪڪر تنهنجي مٿان ڪيئن ڇانوَ ڪري رهيو آهي؟ تون مون کي پنهنجو حال ٻڌاءِ. نوجوان چيو: مونکي ٻي ڪا خبر ناهي، پر هڪ ٻانهيءَ کان خوفِ خدا جي ڪِالهہ ٻڌي مون سچي توبہ ڪئي هئي. قاصد فرمايو: تو سچ چيو، الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ جيڪو رتبو ۽ مقام توبہ ڪرڻ واري جو آهي، اهو ڪنهن ٻئي جو ناهي. (1)

توبہ جا ڪجهہ فائدا

خبر پئي تہ ◈ توبہ ڪرڻ وارو تمام بلند درجي وارو هوندو آهي ◈ جيڪو توبہ ڪندو آهي، ان کي ڪاميابي ملندي آهي ◈ جيڪو توبہ ڪندو آهي، الله پاڪ کيس پنهنجو محبوب بڻائي ڇڏيندو آهي. ◈ ان مٿان رحمت وسندي آهي ◈ سندس گناهہ مٽايا ويندا آهن ◈ قيامت جي ڏينهن کيس جنت عطا ڪئي ويندي ◈ کيس جهنم کان چوٽڪارو نصيب ٿيندو ◈ اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! دنيا بہ سنواري ويندي ۽ آخرت بہ سڻي ٿي ويندي.

1...كتاب التوابين، توبة القصاب، صفحہ:76۔

توبہ ۾ دير جا سببَ

افسوس! ◈ اسان غفلت ۾ رھندا آھيون ◈ گناھ ڪري ڪري دل اھڙي بيمار ٿي وئي آھي، گناھن جي اھڙي عادت پئجي چڪي آھي جو دل توبہ ڏانھن مائل ئي نٿي ٿئي ◈ اميدون وڌيون آھن، ائين سمجھي وينا آھيون جڻ ھميشہ ھن دنيا ۾ رھڻو آھي ۽ موت اچڻو ئي ناھي ◈ اللہ پاڪ رحمٰن آھي، بخشي ئي ڇڏيندو اھو چئي دل کي ڪوڙو دلاسو ڏئي ڇڏيندا آھيون پر ان جي عذاب کان ڊڄندا ناھيون ◈ خراب دوستن جي صحبت نيڪي ڏانھن اچڻ نٿي ڏئي ◈ ڪڏھن گھر وارن کان شرم ٿيندو آھي ◈ ڪڏھن دنيا کان شرمايون ٿا ◈ ھاءِ! مون توبہ ڪري ورتي تہ ماڻھو ڇا چوندا؟ اھڙيون ڳالھيون سوچي اسان توبہ جھڙي عظيم نعمت کان محروم رھجي ويندا آھيون ◈ بلڪ سچي ڳالھ اھا آھي تہ اسان پاڻ کي گنھگار سمجھون ئي ڪڏھن ٿا...!! جي اسان پاڻ کي گنھگار سمجھون تہ شرمندگي پاڻمرادو ٿيندي، ۽ شرمندگي ٿيندي تہ توبہ ڏانھن لاڙو بہ ٿيندو، پر افسوس! نفس ۽ شيطان اسان کي دوکي ۾ وجھي رکن ٿا ◈ نمازون قضا ٿيندیون آھن ◈ باجماعت نماز ۾ تہ ڪڏھن ڪڏھن ئي شامل ٿيندا آھيون ◈ روزانو الائي ڪيترن جي دل آزاري ڪري ويھندا آھيون ◈ اسان جو موبائيل فون اسان کي ڏوکي ۾ وجھي رکندو آھي ◈ خبر ناھي ڪھڙا ڪھڙا گناھ ھن موبائيل ۽ سوشل ميڊيا جي ڪري ٿيندا رھندا آھن ◈ ڪوڙ زبان تي ھر وقت چڙھيل رھندو آھي، ڳالھ ڳالھ تي ڪوڙ ڳالھائيندا ويندا آھيون ◈ گلا ۽ چغلي جي اھڙي عادت ھوندي آھي جو بس زبان کلڻ جي دير ھوندي آھي، گندين ڳالھين، غيبتن ۽ چغلين جا انبار شروع ٿي ويندا آھن. مطلب تہ مٿي کان وٺي پيرن تائين گناھن ۾ غرق رھندا آھيون، ان ھوندي بہ پاڻ کي گنھگار سمجھڻ پسند ناھيون ڪندا، نفس اسان کي دوکي

۾ رکندو آھي ۽ اندر ئي اندر اھو ذھن ناھيندو رھندو آھي تہ اسان کان وڌيڪ نيڪ تہ ٻيو کو ٿي ئي نٿو سگھي. جڏھن پاڻ کي گنھگار سمجھڻو ئي ناھي تہ ظاھر آھي توبہ جو ذھن بڻجندو ئي نہ، جڏھن ذھن نہ بڻجندو تہ توبہ ڪري بہ نہ سگھنداسين، ۽ ائين اسان ايڏي وڏي نيڪي کان محروم رھجي ويندا آھيون.

ڪاش! اسان کي توفيق ملي وجي، ڪاش! اسان پاڻ کي گنھگار سمجھڻ وارا ۽ توبہ ڪرڻ وارا بڻجي وجون. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

گنھگار جي بخشش ٿي وئي

روايت آھي تہ بني اسرائيل ۾ ٻہ شخص ھئا: ھڪ تمام وڏو عبادت گذار ھو ۽ ٻيو تمام وڏو گنھگار ھو. ماڻھو عبادت گذار کي عَابِدُ بَنِيْ اِسْرَائِيْل (بني اسرائيل جو عابد) چوندا ھئا، ۽ گنھگار کي خَلِيْعُ بَنِيْ اِسْرَائِيْل (بني اسرائيل جو بي حيا ۽ آواره ماڻھو) چئي سڏيندا ھئا. ھڪ دفعي اھو گنھگار ان عبادت گذار جي پرسان لنگھيو، ڏٺائين تہ ڪڪر عبادت گذار جي مٿان چانو ڪري بيٺو آھي. اھو منظر ڏسي گنھگار دل ۾ سوچيو: **مان انتھائي گنھگار...!! ھي ايڏو وڏو عبادت گذار! جي مان وٽن ويھي رھان تہ ڪھڙي خبر! انھن جي برڪت سان الله پاڪ مون تي بہ رحم فرمائي ڇڏي!** اھو سوچي اھو گنھگار شخص ان عابد وٽ وجي ويھي رھيو.

ٻئي پاسي اھو عبادت گذار (جنھن کي شايد شيطاني چالن ۽ باطني بيمارين جي ڄاڻ نہ ھئي) اُن منفي سوچيو ۽ دل ئي دل ۾ چيائين: ڪٿي مون جھڙو عابد ۽ ڪٿي ھي ھيٺين درجي جو گنھگار! ھي منھنجي پرسان ڪيئن ويھي سگھي ٿو...!! اھو سوچي ھن وڏي حقارت سان ان گنھگار کي پنھنجي پرسان

اٹاري ڇڏيو. ان تي الله پاڪ ان وقت جي نبي عَلَيْهِ السَّلَام تي وحي موڪلي فرمايو: انهن بنهي کي چئو تہ پنهنجا عمل نئين سر شروع ڪن، مون هن گنهگار کي (سندس سني گمان ۽ مثبت سوچ سبب) بخشي ڇڏيو ۽ عبادت گذار جا سمورا عمل ضايع ڪري ڇڏيا! هڪ روايت ۾ آهي تہ اهو ڪڪر جيڪو عبادت گذار مٹان چانوَ ڪري بينو هو، اهو انهيءَ وقت عبادت گذار تان هٹي ڪري ان گنهگار جي مٹان اچي ويو. (1)

اِلٰہی میں تیری عطا مانگتا ہوں
کرم مغفرت کی دُعا مانگتا ہوں
اِلٰہی نہیں چاہیئے تختِ شاہی
فقط تیری رحمت خُدا! مانگتا ہوں
بچانا بُرے خاتمے سے بچانا
میں ایمان پر خاتمہ مانگتا ہوں (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

توبہ ڪرڻ واري مؤمن جو مثال

هڪ دفعي الله پاڪ جا نبي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي حوارين سان گڏ وينل هئا. هڪ تمام حسين ۽ خوبصورت پکي اتي آيو ۽ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جي سامهون زمين تي ليٹڻ لڳو. ان پنهنجو پاڻ کي زمين تي ايترو گهمايو جو ان جي گل لهي وئي. هاڻي هو رتورت، گنجو ۽ انتهائي بدصورت نظر اچڻ لڳو. ان کان پوءِ هو گپ ۾ ويو ۽ اتي لت پت ٿيو جنهن سان هو وڌيڪ بدصورت ٿي ويو. ان کان پوءِ هو وهندڙ صاف پاڻيءَ ۾ ويو، اتي غسل ڪيائين تہ ان جو ساڳيو حسن واپس موٽي آيو، جسم تان گپ بہ ڏوپجي وئي، نئين گل بہ اچي وئي ۽ هو بلڪل پهريان جهڙو ئي خوبصورت ٿي ويو.

1...مكاشفة القلوب، باب فى بيان ذم الكبر، صفحہ:305۔
2...وسائل فردوس ، صفحہ:1-3 ملتقطًا۔

الله پاڪ جي نبي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام اهو ڏسي پنهنجي حوارين کي فرمايو: هي پکي توهان لاءِ نشاني بڻائي موڪليو ويو آهي. هي مؤمن جو مثال آهي: ٻانهو مؤمن گناهه ڪري پاڻ کي بدصورت ۽ ميرو ڪري ڇڏيندو آهي، پوءِ جڏهن هو سچي توبه ڪندو آهي ته گناهن جي ڪارنهن کانئس مٽجي ويندي آهي ۽ هو ٻيهر پهريان وانگر حسين ۽ جميل ٿي ويندو آهي. (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! اها توبه جي برڪت آهي. اسان کي صرف احساس ڪرڻو آهي، اڪيلائي ۾ ويهي سوچڻو آهي ◈ مان دنيا ۾ ڇا لاءِ آيو هئس ۽ ڇا ڪري رهيو آهيان؟ ◈ منهنجا ڏينهن رات ڪهڙن ڪمن ۾ گذري رهيا آهن؟ ◈ منهنجون هي اکيون قرآنِ ڪريم ڏسڻ لاءِ هيون، مان انهن سان ڇا ڏسي رهيو آهيان؟ ◈ منهنجي زبان ذڪرُ الله لاءِ هئي، مان هن مان ڇا ڇا ڳالهائي رهيو آهيان؟ ◈ منهنجا ڪن تلاوت، نعت ۽ نيڪ ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ هئا، مان انهن سان ڇا ٻڌان ٿو؟ افسوس! وقت ويجهو آهي، ملڪ الموت عَلَيْهِ السَّلَام تشريف ڪٽي ايندا، منهنجي جسم مان روح ڇڪي ڪڍيو ويندو، پوءِ مون کي اونداهي قبر ۾ لاٿو ويندو. افسوس! مون کي پنهنجي ربِ ڪريم جي حضور پيش ٿيڻو آهي. بس اهو احساس، پشيماني، شرمندگي ۽ سچي دل سان توبه...! هي زندگيءَ جي سمورين مونجهارن جو حل آهي.

توبه عبادت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ ڳالهه به ياد رکو ته توبه هڪ مستقل عبادت آهي. يعني اهو ضروري ناهي ته جڏهن گناهه ٿئي رڳو تڏهن ئي توبه ڪبي، نه...!! بلڪ توبه پاڻ هڪ عبادت آهي. گناهه ٿيو هجي يا نه، الله ڪري نه ئي ٿئي، تنهن هوندي به توبه ڪندو رهڻ گهرجي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

1...حلية الاولياء، رقم:228، شهر بن حوشب، جلد:6، صفحه:60 رقم:7784۔

وَ تُوْبُوْۤا اِلَى اللّٰهِ جَمِیْعًا اَیُّهَ الْمُؤْمِنُوْنَ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۳۱﴾

ترجموكنزُالعرفان: اي مسلمانو! توھان سڀ الله ڏانھن توبھ كريو ھن اميد تي تہ توھان كاميابي ماڻيو. (سيپارو: 18، النور: 31)

ڏسو! ھن آيت ۾ سيني كي توبھ جو حكم ڏنو ويو آھي. امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه "احياءُ العلوم" ۾ فرمائن ٿا: ھن آيت مان ثابت ٿيو تہ توبھ ھر حال ۾ لازم آھي.[1] اھو ضروري ناھي تہ گناھ ٿيندو تڏھن ئي توبھ كنداسين، بلكہ ان كان سواءِ بہ توبھ كندو رھڻ گھرجي. حديثِ پاك ۾ آھي تہ رسولن جي سردار، مكي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "اي انسانو! توبھ كريو! بيشك مان بہ ڏينھن ۾ 100 ڀيرا توبھ كندو آھيان.[2]

ڏسو! پيارا نبي، رسولِ ھاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم معصوم آھن، پاڻ سڳورن كان گناھ ٿي ئي نٿو سگھي، تنھن ھوندي بہ پاڻ ڏينھن ۾ 100 ڀيرا توبھ فرمائيندا ھئا. معلوم ٿيو تہ جيئن نماز، روزو وغيرہ مستقل عبادتون آھن، تيئن توبھ ۽ استغفار بہ مستقل عبادتون آھن.[3] ان كري اسان كي گھرجي تہ ڀل گناھ نہ بہ ھجي، پوءِ بہ توبھ ۽ استغفار كندا رھون.

سُبْحٰنَ الله! الله پاك اسان كي سچي توبھ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

سَر پچھاڑو گے پَر کچھ نہ کرپاؤ گے
بال جھڑجائیں گے، کھال اُدھڑ جائیگی

بے حَد اپنے گُناھوں پہ پچھتاؤ گے
کیڑے پڑجائیں گے، نَعْش سڑ جائیگی

1...احياء علوم الدين، كتاب التوبة، الركن الاول، بيان ان وجوب التوبة...الخ، جلد:4 صفحہ:11 خلاصۃً۔
2...مسلم، كتاب الذكروالدعاء والتوبة والاستغفار، باب استحباب الاستغفار...الخ، صفحہ:1040، حديث:2702۔
3...مرآة المناجيح، جلد:3، صفحہ:353 خلاصۃً۔

مَت گُناھوں پہ ہو بھائی! بے باک تُو
تَھام لے دامنِ شاہِ لَولاک تُو

بُھول مَت یہ حقیقت کہ ہے خاک تُو
سچّی تَوبہ سے ہو جائے گا پاک تُو(1)

چا عزت ٻيھر ناھي ملندي...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! عام طور تي چيو ويندو آھي تہ عزت ٻيھر ناھي ملندي. ٿي سگھي ٿو محاوري طور ڪنھن حد تائين اھا ڳالھ درست ھجي، پر جيڪڏھن الله پاڪ جي ڪرم نوازين کي ڏسجي ۽ بزرگن جي سوانح حيات پڙھجي تہ معلوم ٿئي ٿو تہ جيڪڏھن انسان سڌو رستو اختيار ڪري تہ وڃائجي ويل عزت بہ ٻيھر ملي ويندي آھي. ھڪ خوبصورت واقعو ٻڌو: حضرت حبيب عجمي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه تمام وڏا ڪامل ولي ٿي گذريا آھن، بصره شھر جا رھاڪو ھئا. توبہ ڪرڻ کان اڳ ڀاڻ نهايت امير ھئا ۽ ماڻھن کي وياج تي قرض ڏيندا ھئا. حالت اھا ھئي جو جڏھن ڪنھن قرضدار کان وياج جي رقم ونڊ ويندا ھئا ۽ ھو نہ ڏئي سگھندو ھو تہ پنھنجو وقت ضايع ٿيڻ جو ڏنڊ بہ ونندا ھئا! ھڪ دفعي ڀاڻ ڪنھن قرضدار جي گھر پھتا ۽ در ڪڙڪايائون. ھو مقروض ڀاڻ گھر ۾ نہ ھو، پر سندس گھرواري چيو: منھنجو مڙس گھر ۾ ناھي ۽ نہ ئي پئسا آھن جو اوھان کي ڏيان. ھا، اڄ اسان ٻکري ذبح ڪئي ھئي، ان جو سڄو گوشت ختم ٿي چڪو آھي، رڳو سِري بچيل آھي، اوھان چاھيو تہ کڻي وڃو. حبيب عجمي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه اھا ٻکريءَ جي سري کڻي گھر آيا ۽ زال کي چيائون: ھيءَ رڌ! زال چيو: گھر ۾ نہ ٻارڻ جون ڪاٺيون آھن ۽ نہ ٻيو سامان. ڀاڻ وري قرضدارن جي گھرن مان ڪاٺيون بہ اوڳاڙي کڻي آيا! زال ديگڙي چاڙھي، کاڌو اڃا تيار ئي نہ ٿيو ھو تہ ھڪ سائل (فقير) سوال ڪرڻ آيو، حضرت حبيب عجمي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه ان کي دڙڪا ڏئي ڀڄائي ڇڏيو. کاڌو

1...وسائل بخشش، صفحہ656 ملتقطًا۔

تيار ٿيو، پاڻ کائڻ لاءِ وينا، پر جيئن ئي زال ديگڙي کولي تہ ان ۾ ٻکريءَ جي سِريءَ بدران رت ئي رت پريل هو! گهرواري چيو: ڏسو پنهنجي ڪنجوسيءَ ۽ وياج خوريءَ جو نتيجو...!! ديگڙي رت سان پري پئي آهي.

ديگڙي جو ائين رت ۾ بدلجي وڃڻ جڻ قدرت طرفان هڪ چتاءُ هو، جنهن کي حضرت حبيب عجمي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه سنجيدگيءَ سان ورتو ۽ فوراً سمورا گناهہ ڇڏڻ جو پڪو ارادو ڪيائون. پاڻ گهر کان ٻاهر نڪتا، گهٽيءَ مان لنگهي رهيا هئا تہ اتي راند ڪندڙ ٻار هڪٻئي کي چوڻ لڳا: پري ٿي وجو! حبيب وياج خور اچي پيو، ڪٿي ان جي پيرن جي مٽي اسان تي پوي ۽ اسان بہ بدبخت ٿي وجون.

هيءُ ٻيو ڏڪ هو جنهن حضرت حبيب عجمي رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه جي دل کي بلڪل نرم ڪري ڇڏيو. پاڻ فوراً حضرت امام حسن بصري رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ سمورن گناهن کان سچي توبہ ڪيائون.

توبہ کان پوءِ پاڻ گهر واپس پئي آيا تہ ڏنائون ساڳيا ٻار گهٽيءَ ۾ راند ڪري رهيا هئا. جڏهن ٻارن کين ڏٺو تہ هڪٻئي کي چوڻ لڳا: پري ٿي بيهو! هاڻي حبيب توبہ ڪري اچي پيو، جيڪڏهن اسان جي پيرن جي مٽي مٽس پئي تہ اسان گنهگار ٿي ويندا سين.

حضرت حبيب عجمي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه ٻارن جي اها ڳالهہ ٻڌي تہ تڙپي ويا ۽ بارگاهِ الاهيءَ ۾ عرض ڪيائون: واهہ مالڪ! تنهنجي قدرت بہ عجيب آهي، اڄ ئي مون توبہ ڪئي ۽ اڄ ئي تو منهنجي نيڪ نامي جو اعلان بہ ڪرائي ڇڏيو.

ان کان پوءِ حضرت حبيب عجمي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه سيني جا حق ادا ڪيا، وياجي ڏيتي ليتي ختم ڪئي ۽ هر وقت الله پاڪ جي عبادت ۾ مشغول ٿي ويا. [1]

1 ...تذكرة الاولياء، ذكر حبيب عجمى رَحمةُ الله عليه، صفحه:56 و57 خلاصةً۔

مَحبت میں اپنی گُمایا الٰہی! نہ پاؤں میں اپنا پتا یا الٰہی!
عبادت میں گزرے مری زِندگانی کرم ہو کرم یا خدا! یا الٰہی![1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

معلوم ٿيو تہ عزت ٻيھر ملي ويندي آھي، شرط ھي آھي تہ انسان رستو صحيح اختيار ڪري. اولياءِ ڪرام جي سيرت پڑھي ڏسو، ھزارين اھڙا بزرگ آھن جيڪي توبہ ڪرڻ کان پھريان گناھن ۾ مشغول ھئا، معاشري ۾ ڪين نفرت سان ڏٺو ويندو ھو، پر جيئن ئي انھن توبہ ڪئي، نيڪيءَ جا مسافر بڻيا ۽ عبادت ۾ لڳي ويا تہ ساڳيا ماڻھو سندن استعمال ڪيل شين مان بہ برڪت ونڻ لڳا. تنھنڪري اسان کي بہ گھرجي تہ توبہ ڏانھن وڌون ۽ روزانو بنا ناغي توبہ ڪندا ڪريون.

شيخِ طريقت، اميرِ اھلِسنت دامت بَرَکاتُھم العالیہ ھن دور ۾ صحيح اسلامي زندگي گذارڻ جو جيڪو نسخو اسان کي عطا فرمايو آھي، يعني رسالو ”نيڪ اعمال“...!! ◈ اسلامي پائرن لاءِ 72 نيڪ اعمال ◈ اسلامي پينرن لاءِ 63 ◈ ننڍن ٻارن لاءِ 41 ◈ جامعۃُ المدینہ جي شاگردن لاءِ 92 ◈ شاگرديائٽين لاءِ 83 ۽ ◈ خصوصي اسلامي پائرن (يعني گونگن ۽ ٻوڑن وغيره) لاءِ 27 نيڪ اعمال وارو رسالو مکتبۃُ المدینہ تان ملي وڃي ٿو. ان ۾ اميرِ اھلِ سنت ھڪ نيڪ عمل توبہ جو بہ رکيو آھي. يعني ترغيب ڏيارو آھي تہ گناھ ڇڏي يا نہ، روزانو سمھڻ کان اڳ 2 رڪعت نمازِ توبہ ادا ڪريو ۽ پوءِ سچي دل سان سڄي ڏينھن جي گناھن کان توبہ ڪري ونو. اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! وڏيون برڪتون نصيب ٿيندیون. اللہ پاڪ اسان سيني کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

1...وسائل بخشش،صفحہ:105 ملتقطاً۔

(2): توبہ جا تقاضا پورا کريو!

پيارا اسلامي پائرو! الله پاڪ اهو ٻہ ارشاد فرمايو:

فَاقْتُلُوْۤا اَنْفُسَكُمْ ؕ

ترجموکنزُالعرفان: توهان پنهنجي ماڻهن کي قتل کريو. (سيپارو: 1، البقرة: 54)

يعني اي بني اسرائيل جا اهي ماڻهو! جن گابي جي پوڄا کري شرڪ کيو، توبہ ڪندي پنهنجون جانيون پيش کريو!

هتان خبر پئي تہ توبہ جا تقاضا پورا ڪرڻ ٻہ ضروري آهن. اسان وٽ توبہ جو جيڪو مفهوم ورتو ويندو آهي، اهو صرف هي آهي تہ: ◈ ڪنن کي پکڙي ورتو ◈ ڳلن تي هلڪي چماٽ هڻي ورتي ◈ ۽ زور سان 10 يا 12 ڀيرا چئي ورتو: ”توبہ! توبہ!“ بس سمجهيوسين تہ هيءَ توبہ ٿي وئي!

هيءَ توبہ ناهي. توبہ جا تقاضا هوندا آهن، جهڙو گناهہ هوندو آهي ان جي توبہ ٻہ اهڙي ئي هوندي آهي. ڏسو! بني اسرائيل شرڪ کيو، مرتد ٿيا (يعني مسلمان هئڻ کان پوءِ ڪفر اختيار ڪيائون)، ان ڏوهہ جي سزا قتل آهي، تنهنڪري کين چيو ويو تہ پنهنجيون جانيون پيش کريو، هن توبہ جو تقاضو پورو کريو، تڏهن وجي بخشش ٿيندي. خبر پئي تہ جهڙو گناهہ هوندو توبہ ٻہ اهڙي ٿيندي ۽ ان جا شرط پڻ پورا ڪرڻا پوندا.

توبہ جا شرط

توبہ جا 3 بنيادي شرط آهن: (1): گناهہ ڇڏڻ: جنهن گناهہ کان توبہ ڪري رهيا آهيو، ان کي ترت ڇڏي ڏنو هجي. گناهہ نہ ڇڏڻ ۽ زبان سان توبہ توبہ چوندي رهڻ کي حديثِ پاڪ ۾ مذاق قرار ڏنو ويو آهي. (2): شرمندگي (يعني جيڪو گناهہ ٿيو، ان تي دل سان شرمساري هجي) (3): پڪو ارادو تہ آئنده اهو گناهہ

ڪڏھن بہ نہ ڪندس. [1]

اھي 3 شرط پورا ٿيندا تہ اھا سچي توبہ چئبي. ان کان پوءِ ھر گناھ جا الڳ الڳ تقاضا بہ ھوندا آھن، مثال طور: ◈ نماز نہ پڙھڻ جي گناھ کان توبہ ڪئي تہ ڇڏيل نمازن جي قضا پڙھڻ لازم آھي ◈ روزا نہ رکڻ جي گناھ کان توبہ ڪئي تہ انھن روزن جي قضا رکڻ فرض آھي ◈ ڪنھن جي دل ڏکائي ھجي تہ کانئس معافي ونڻ ضروري آھي ◈ والدين کي ستايو ھجي تہ انھن کي راضي ڪرڻ ضروري آھي ◈ ڪنھن جا پئسا دٻايا ھجن تہ اھا رقم واپس ڪرڻ ضروري آھي ◈ وياجي ڏيتي ليتيءَ کان توبہ ڪئي ھجي تہ جنھن کان وياج ورتو ھجي کيس واپس موٽائڻ لازم آھي.

ھاڻي اوھان چوندؤ تہ ھي تہ تمام ڏکيو ڪم آھي! جي ھا! ڏکيو ضرور آھي، جنت ۾ ويڻو آھي، جھنم جي باھ ۾ عذاب کان بچڻو آھي تہ ڪجھ تڪليف تہ سھڻي ئي پوندي. بني اسرائيل کي ڏسو! کين چيو ويو پنھنجون جانيون قربان ڪريو! روايتن ۾ اچي ٿو تہ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: ڏوھاري ٻاھر اچن، ٻہ زانو ٿي ويھن، گوڏا ڪڙا ڪن، مٿو گوڏن تي رکن، ترار پنھنجي ڪ۪ڇيءَ تي جھلين، جيڪڏھن کنھن ترار جو وار روکڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ان جي توبہ قبول نہ ٿيندي!

اھڙيءَ طرح ڏوھاري قتل ٿيا، جن ڏوھ نہ ڪيو ھو تن پنھنجن عزيزن ۾ مائٽن کي پنھنجي ھٿن سان قتل ڪيو. [2] 70 ھزار اسرائيلي اھڙي طرح قتل ٿيا تڏھن وجي سندن توبہ قبول ٿي. [3]

1...رياض الصالحين، باب التوبة، صفحہ:5۔

2...تفسير بغوی، پارہ:1، سورۂ بقرة، زيرِ آيت:54، جلد:1، صفحہ:51 خلاصۃً۔

3...تفسير درمنثور، پارہ:1، سورۂ بقرة، زير آيت:54، جلد:1، صفحہ:158 خلاصۃً۔

ٻڌايو! چا اھا گھٽ تڪليف ھئي...؟ اسان تي تہ اَلْحَمْدُلِلّٰه! الله پاڪ جو وڏو احسان ۽ ڪرم آھي تہ محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان لاءِ توبہ نهايت آسان فرمائي وئي آھي. بهرحال! اسان تي لازم آھي تہ توبہ ڪندا رهون ۽ ان جا تقاضا بہ پورا ڪريون. الله پاڪ اسان کي سيني گناهن کان چوٽڪارو ۽ معافي نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مجھے سچّی تَوبہ کی تَوفیق دیدے
جو ناراض تُو ہو گیا تو کہیں کا
سَدا کیلئے ہو جا راضی خُدایا

سپۓ تاجدارِ حرم یا الٰہی!
رہوں گا نہ تیری قسم یا الٰہی!
ہمیشہ ہو لُطف و کرم یا الٰہی![1]

نيڪ اعمال موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي پائرو! نيڪ بڻجڻ ۽ نيڪ عملن ۾ واڌاري لاءِ دعوتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن تيار ڪئي آھي، جنهن جو نالو آھي: "نيڪ اعمال" (Naik Amal). هن ايپلي ڪيشن ۾: اسلامي پائرن، اسلامي پينرن ۽ شاگردن لاءِ ڏار ڏار رسالا موجود آھن ◈ هيءَ ايپ 6 مختلف بولين: ◈ انگريزي ◈ اردو ◈ هندي ◈ بنگلا ◈ گجراتي ۽ ◈ سنڌي ۾ استعمال ڪري سگھجي ٿي ◈ هن ۾ مختلف نيڪ عملن تي مشتمل سوال ڏنا ويا آھن ◈ هر سوال هيٺان 30 خانا آھن، روزانو پنهنجي مرضيءَ جو وقت مقرر ڪري پنهنجي عملن جو جائزو وٺو (يعني فڪرِ مدينہ ڪريو)، ۽ ان مطابق زندگي گذاريو. اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! ان جي برڪت سان گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن نهندو، دل جي پاڪيزگي حاصل ٿيندي ۽ ڪردار چمڪندڙ،

1...وسائل بخشش، صفحہ:110 ملتقطاً۔

نِڪريل ۽ سنو بڌجي پوندو.

بيان کي پڃاڻيءَ ڏانھن آڻيندي ھڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

درست چا آھي؟

(صحيح شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ پائي ويندڙ غلط فھميءَ جي نشاندھي)

مسئلو: اڪيلي نماز پڙھندي وڏي (بلند) آواز سان قرائت ڪرڻ افضل آھي.

وضاحت: ھي ھڪ فضيلت جو ڳالھ آھي، اسان کي افضل طريقي تي عمل ڪرڻ گھرجي. ڪڏھن اسان رات جي وقت اڪيلي سر نماز پڙھندا آھيون، ڪڏھن وتر اڪيلائيءَ ۾ پڙھندا آھيون، يا جماعت رھجي وڃڻ جي صورت ۾ اڪيلي نماز پڙھبي آھي. اھڙي نماز جيڪا اسان اڪيلي سر پڙھي رھيا ھجون، ان ۾ ھوريان (آھستي) آواز سان قرائت ڪرڻ بہ جائز آھي، پر وڌيڪ فضيلت ان ۾ آھي تہ بلند آواز سان پڙھجي. ان ۾ شرعي قاعدو ھي آھي تہ: ھر اھا رڪعت جنھن ۾ امام تي ھوريان پڙھڻ واجب آھي (جھڙوڪ ظھر ۽ عصر)، اڪيلي نماز پڙھڻ واري لاءِ بہ ان رڪعت ۾ ھوريان ئي پڙھڻ واجب آھي. پر ھر اھا رڪعت جنھن ۾ امام تي بلند آواز سان قرائت ڪرڻ واجب آھي (جھڙوڪ فجر، مغرب ۽ عشاء جون پھرين بہ رڪعتون ۽ وتر)، اڪيلي نماز پڙھندڙ ان رڪعت ۾ چاھي تہ ھوريان پڙھي ۽ چاھي تہ بلند آواز سان پڙھي، ۽ افضل اھو ئي آھي تہ بلند آواز سان قرائت ڪري. ان ڪري اسان کي اھو افضل ڪم اپنائڻ گھرجي. اِنْ شَآءَاللہُ الْکَرِیْم! برڪتون ملنديون.

نوٽ: جيڪڏھن بلند آواز سان قرائت ڪريو تہ بن ڳالھين جو خيال رکو: (1): آواز تمام گھٽو اوچو نہ ھجي، مناسب ھجي جيئن ٻين کي تڪليف يا نماز ۾ خلل نہ پوي. (2): بلند آواز سان قرائت ان وقت ڪجي جڏھن ادا نماز پڙھي رھيا ھجو. قضا نماز لکي پڙھڻ ضروري آھي، تنھنڪري قضا نمازن

۾ بلند آواز نہ ڪيو وڃي. [1] الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

تنگدستي جو روحاني علاج (وظيفو)

يَاذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ (اي عظمت ۽ بزرگيءَ وارا!)

هر نماز کان پوءِ 100 ڀيرا "يَاذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ" پڙهي حلال روزگار لاءِ دعا گهرندڙ کي اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! حلال رزق نصيب ٿيندو. [2] الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...دارالافتاء اہلسنت، ریفرینس نمبر: NOR.12519۔
2...چڑيا اور اندھا سانپ، صفحہ:25۔